

تصوّر

ڈاکٹر دیال آشا

تصور

رچيتا

ڊاڪٽر ديال ڪوٽومل ڏاميجا "آشا"
ايم.اي.، پي ايڇ.ڊي.، ڊي لٽ
سوامي شانتي پرڪاش نواس، اُلهاسنگر ۴۲۱ ۰۰۵

فهرست

تصور

رچيتا

ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميجا "آشا"
ايم.اي.، پي ايڇ.ڊي.، بي لٽ
سوامي شانتي پرڪاش نواس، الهاسنگر ۵ ۰ ۰ ۴۲۱

پهريون ڇاپو
جولاءِ ۲۰۱۵ع

قيمت ۸۰ روپيا

پرڪاشڪ
شري نندلعل راجپال
ڊاڪٽر ششي نندلعل راجپال

Published By: Shri Nandlal Rajpal
Dr. Shashi Nandlal Rajpal
202, Big Splash Sector - 17
Vashi - Navi Mumbai - 400705
DTP By : Mrs. Shobha R. Lalchandani
Printed By : Impressions, M : 9820883807

خط

تاثرات

نندلعل راجپال

پوجنيہ مانوارا ڊاڪٽر ديال ’آشا‘

گذريل هفتي اوهان جي ايندڙ ڪتاب ”تصور“ جون ڪي رچنائون جيڪي اڃان ڇپجي رهيون آهن، مونکي شري آنند لعلچنداڻي اي.ميل. تي موڪليون. پڙهي دل باغ بهار ٿي وئي ۽ مان ماضيءَ ۾ هليو ويس. ياد ڪيم تہ ڪيئن منهنجي ڌرم پتني ڊاڪٽر ششي راجپال ۽ مان منهنجي ٽئين ڪتاب ”گلدستو“ جو مهورت ڪرائڻ لاءِ ۹ سيپٽمبر ۱۹۹۲ تي اوهان سان سمپرڪ ڪيو ۽ اوهان ايترو مشغول رهندي بہ مونکي جيڪو ساٿ ڏنو ڪتاب جي مهورت ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. نسوارتي ٽي سيني ليکڪن کي گڏ ڪيو، سيني پريمين کي گهرايو ۽ تمام بهترين طريقي سان ڪارج پورو ڪرڻ ۾ جيڪا سهائتا ڪئي ان منهنجي دل تي وڏو اثر ڪيو ۽ اسين وياسين اوهان ڏانهن سرڪندا.
فن ۽ ذات کي ڪوبہ روڪي ڪونہ سگهيو آهي. اها هڪ عادت آهي جنهن ۾ پنهنجو پاڻ ۾ سميٽي ويهڻ، وڏي شورغل کان پري رهڻ ۽ ويهي قلم کي ڪسرت ڪرائڻ جو جنون انسان جي وجود جو هڪ انگ بڻجي ويندو آهي. اوهان کي اها ذات ان پروردگار ڏني آهي ان شاخصيت جو ورنن ڪرڻ مون جهڙي تڇ ليکڪ جي سيمائن کان گهڻو ٻاهر آهي.
مان جڏهن بہ اوهان جون رچنائون پڙهندو آهيان، تڏهن مون ۾ هڪ پريرنا اُتپن ٿيندي آهي.
اوهان جي دل شاعرياڻي آهي. ساڻ ساڻ اديب، گايڪ ۽ قدرشناس، هڪ هڪ سان نوڙت ۽ نياز سان هلڻ، هڪ هڪ جي دکن کي سمجهڻ، هڪ

فهرست

رٿپٽ ۾ رلندي رلندي، سک کين کنهنکي ملندو.
مالڪ کان منهن نہ موڙج جانب سان جيءُ جوڙج،
پاڇن پٽيان جو ٻڪندو ”آشا“ سو نيٽ ڪرندو!“
شاعر سؤمان پسند سنڌيءَ جي زباني پيش ڪندي لکيو :
”مان سنڌي سرمور نہ امڙ جي تاج لڄائيندس،
پٽيءَ تي کين پر سهندس سيني تي گولي.
مان سنڌو ۽ گنگا جو جل پيتو، پليو سنڌ هند ۾ آهيان،
مان خوددار آهيان، نہ ڦهلائيندس ڪڏهن جهولي.“
شاعر جي دل ۾ سوز ۽ درد آهي :
”سڏکي ڪريان تي سڏڙا، روئندي گذاريان راتيون،
پوريل جو د ر ورهين کان، محبوب سو پٽيندو.“
شاعر ديال آشا روحاني راهہ جو راهگير آهي، سندس هڪ ئي چاهت آهي :
”آشا“ وهل جو طالب، ٻي چاهہ کين ڪائي،
مان خوش نصيب ٿيندس جڏهن فضل اللهہ جو ٿيندو.“
شاعر آشا جو اِهو پيغام آهي تہ مخلوقات جي خدمت ڪرڻ سان رب راضي ٿيندو انڪري سيني کي پيار ڪريو.
”ڪندين جي خلق کي خوش تون،
خدا توتي ڪندو رحمت،
جي چاهين رب جي رحمت تو،
تہ ڪر سيني سان محبت.“
ڪتاب جي هرهڪ مصرع ۾ گهِرو ارٿ سمايل آهي. پڙهي بي انتها پريرنا تي ملي.
ايشور در پرارٿنا آهي تہ اوهان کي سٺي صحت ۽ وڏي عمر بخشي، جيئن ائين ئي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ لاءِ گهٽي ۾ گهٽي شيوا ۽ خدمت ڪري سگهو.
نيازن، نوُڙت ۽ شردا سان
اوهان جو شڀ چنتڪ
نندلعل راڄپال ”نردوش“

هڪ جي ڀاونائن جو قدر ڪرڻ، اوهان جي شخصيت جو ڀرپور پرچيه ٿو ڪرائي. مان هميشه اهو سوچيندو رهندو آهيان ته هڪ سماج شيوڪ جيڪو صبح کان شام تائين غريبن، وڌوائن، سورداسن، پيڙتن جي سيوا ۾ پنهنجو تن من نشاور ڪرڻ وارو انسان ڪيئن ٿو ايترو وقت ڪڍي ساهته ۾ ٧١ ڪتاب سي پي، الڳ الڳ وشين تي لکڻ، نه صرف سنڌيت جو پرچار ڪيو آهي، پر هين ڀاشائن ۾ به چڱو يوگدان ڏنو آهي.

اوهان جي اوچي درجي جي تعليم، جيئن ته هنديءَ ۾ ڊاڪٽريٽ، سنڌيءَ ۾ ڊي.لٽريچر ڪري الڳ الڳ وشين تي ڪتابن کي جنم ڏنو آهي. ديش پريم تي لکيل ڪتاب، سنتن جي جيوني تي لکيل ڪتاب، ڪيترن سنڌي رسالن ۾ ليک لکڻ، هندواسيءَ ۾ نيم سان رچنائون لکڻ، سماجڪ، ساهتيه، تعليمي، ڌارمڪ سنستائن سان جڙيل ڏسي منهنجو سر عزت وچان اوهان جي اڳيان جهڪندو رهندو آهي.

اوهان جي ايندڙ تصور ڪتاب جي رچنائن ۾ درد به آهي، سنديش به آهي، پريرنا به آهي. جيئن ته :

''پاڇن پٽيان تون ڊوڙين ويٺو وقت پيو وڃائين،
ڪيڏو ڪرين متا ڪُٿي، ناحق پاٿي پيو ولوڙين.''

هن گيت ۾ وڏو سبق ملي ٿو ته :

''جيڪي آهي تو وٽ، سا ته آهي ڌڻيءَ جي امانت،
ولهن ۾ ونڊ وراهج تون، امانت ۾ نه ڪر خيانت.''

هن غزل ۾ پريرنا ٿي ملي.

''آشا ترشنا کٽڻ جي ناهين،
سک جي چاهيو ته گهرجون گهٽايو.''

ڪٿي وري شعر ۾ مالڪ جي محبت جو ذڪر ٿيل آهي :

''محبت جو چشمو آ، آب حيات،
پيئي جيڪو تنهن کي، ڌڻيءَ جي آ رحمت.''

شاعر دنيا جي بي بقائي بابت لکي ٿو :

''ڪيڏو ڪرين پسارو، سپني جو سڀ نظارو،

ٻُلايان نہ ٻَلايون

تنهنجون ٻَلا ٻلايون هرگز نہ مان ٻُلايان،
وڏ ڪيڏا تنهنجا والي، تنهنجي ثنا مان ڳايان.

١) مخلوق جي تون مالڪ ڪيڏي سار پيو لهين تو،
ڪيڏي تنهنجي آ شفقت هڪ تورو ڪين لاهيان.

٢) سالم سرير صحت تنهنجي وڏي آ نعمت،
ڪيڏو ڪيو تو رتيو، لائق نہ جنهنجي آهيان.

٣) تنهنجي رضا تي رازق راضي رهان سدائين،
سڀ ۾ پسان مان توکي، ڪنهنکي غير ڪين ڀانيان.

٤) توئي عقل عطا ڪيو ڏني ڏات شاعريءَ جي،
ڏڏکي ڪيئہ سياٽو مان خوش نصيب آهيان.

٥) ڪريان خلق جي مان خدمت تنهنجي ڪريان عبادت،
'آشا' تي ڪر عنايت ڏٽي، ڏيان تنهنجو ڏيايان.

ڏٺيءِ در التجا

خطا بخش آهين خطا معاف ڪر،
نہ ڏس تون منهنجا مونکي صاف ڪر.

١) اجهو اوٽ تون ئي، آڌار آهين،
سخي تون سياجهو. مان سائل تنهنجي در.

٢) وڃايم وَهي وچهہ ڪتيم ڪين ڪاڄهہ ييي،
پنهنجي ڳنج مان تو خالي جهولي ڀر.

٣) عقل علم سڀ آ تہ تنهنجي امانت،
پنهنجي مهر جو مون تي سائين تون هٿ ڌر.

۴) عرضدار "آشا" قرضدار تنهنجو،
ڪڏهين جي عنايت تہ ٿيندي ساري سر.

دعا ڪر ڏاڏي

دعا ڪر دعا ڪر ڏاڏي تون دعا ڪر!
پنهنجي پاڄه سان منهنجي خالي جهولي ڀر!

وڇايم وهي مان تہ ويرٿ ڪمن ۾،
سڀاڄهو تون سائين مان پيندار تو در!

مان غفلت ۾ ساري عمر آ گذاري،
ٿيندي ڪيئن پوءِ منهنجي سائين ساري سر!

ڏکيا ڏينهن ڏاتر نہ مونکي ڏيکارج،
عدل ڪين چاهيان، فضل جي نظر ڪر.

گنهگار آهيان، سزاوار آهيان،
مهروان مالڪ مونکي ڏي تون معافي پرور.

تون آهين پوشيده ''آشا'' کي پناهہ ڏي!
مان سجدا ڪريان تو تنهنجي در تي ورور.

نئين روشني ڏي!

نئين روشني ڏي! اندر تئي اُجالو،
پيئان ۽ پيئاريان پري پريم پيالو.

١) پسان توکي پريتم سدائين مان هرهنڌ،
اهڙو نور نيڻن ۾ ڏي تون نرالو.

٢) وٺان واٽ وحدت ۽ محبت جي هردم،
عمل مان ڪريان شل شاهه جو رسالو.

٣) نه نفرت رهي، گهران خير سڀ جو،
خدا جو مان خادم، ”آشا“ ڀالو ڀولو.

٤) مان گوشي نشينيءَ ۾ هاٿي گذاريان،
مان دم دم پڪاريان صرف تنهنجو نالو.

غزل

۱. راحت ۾ پيي رنج رهين تو!
توکي جيئڻ جو ڏانءُ نہ آيو!

۲. وڏ واليءَ کيا توسان کيڏا!
تنهن هوندي پيي کيس پلايو!

۳. لک شکرانا مچ مالک جا،
جنهن توکي انسان بڻايو!

۴. دويش جي باهہ ۾ جلي پچي چو،
تو پاڻ کي ناحق پاڻ جلايو!

۵. دنيا جي اُلجهن ۾ اُلجهي،
ترشنکوءَ وانگر من لٽکايو!

۶. پنهنجي گهر ۾ جي اوندهہ آ،
چو ٻي گهرجي تا شمع وسايو!

۷. گهٽي گهٽي جي گهيري ۾،
چو اندر جو آرام ڦٽايو!

۸. ”آشا“ ترشنا کٽڻ جي ناهي،
سک جي چاهيو گهرجون گهٽايو.

غزل

ڪندين جي خلق کي خوش تون، خدا تو تي ڪندو رحمت،
جي چاهين رب جي رحمت تو تہ ڪر سيني سان تون محبت.

اکن مان انب ڪيئن ملندا؟ نہ ڪنبن مان ڪي گل هرگز،
تون پيارا! پوک اهڙي پوک، ملي جنهن مان سين راحت.

جيڪي آهہ تو وٽ سا تہ آهي ڏٽيءَ جي امانت،
ولهن ۾ ونڊ ورهائج تون امانت ۾ نہ ڪر خيانت.

سڏائي ملڪ جا والي، هتان ويا سڀ هٿين خالي!
خدا کي ياد ڪر ''آشا'' ۽ ڪر خلق جي تون خدمت.

غزل

وساري ڇڏج تون ڏٺئہ جي نظارا!
اَٿئي خواب سڀ هي دنيا جا پسارا!

۱)   تو اکڙيون اڙايون ۽ دل پيي اڙائي،
ڪري الوداع ويا سي اکڙين جا تارا!

۲)   نہ ساعت هُئي سرندي سواءِ جن جي،
مليا ويا سي جانب جيءَ جا جيئارا!

۳)   حياتيءَ جي هاڻي خزان آئي آهي،
منا جيڪي ويجهو ڪن پاسو پيارا!

۴)   فنا جي مڪان ۾ نہ قائم ڪو دائم!
ويا خالي هٿين سڪندر قارون پارا!

۵)   ڏٺيءَ ڪي وساريئہ پاڇن پويان ٻوڙي،
سوا رب جي ”آشا“ پيا ڪوڙا سهارا!

غزل

ڪرڻ ڪين ڳهرجي ڪنهن سان عداوت،
جڏهن سڀ ۾ حق آ، ڪجي سڀ سان محبت.

محبت ڪرڻ سان ٿئي رب ٿو راضي،
معجون محبت جي وڏي آهه
نعمت.

نفرت ڪرڻ سان ٿئي ناساز طبعيت،
نفرت نهوڙي ڪريو سڀ سان اُلفت.

ڪڏون جيڪو ڪوٺي تنهن جو خير گهر تون،
تون ڏيکار پنهنجي سدائين صداقت.

محبت جو چشمو آ آب حيات،
پيئي جيڪو تنهن تي ڏٺيءَ جي آ رحمت.

عدوءَ سان به ''آشا'' جو اُلفت ڪري ٿو،
الله جي عنايت سان سو ماڻي ٿو جنت.

پيار جو پينار

تنهنجي پيار جو مان پينار آهيان،
طلب تات تنهنجي طلبگار آهيان.

عمر ساري سائين اجائي وڃائي!
ڪيم ڪر ڪسا مان گنهگار آهيان.

مون ۾ عيب مالڪ آهن اڻ ميا،
ڏيو تن جي معافي سزا وار آهيان.

مان پياسي هرڻ جيان تہ رُڃ ۾ رليم،
مان مايا چڪر مان ٿيو بيزار آهيان.

ڪيم ڪين خدمت ۽ توکي وساريم،
انهيءَ لئہ ڏاڍي مان شرمسار آهيان.

ڏاڍي تعلي! ”آشا“ عنايت جو ڪانکي،
فقط ماڻي تنهنجو مان ديدار چاهيان.

ڪر سپنو ساڪار

١) اي راشٽريہ پُٽر مودي! ڪر باپوءَ جو سپنو ساڪار.
قوم جا ڪشتيبان تون ڪر، ديش جي ڪشتي پار.

٢) جن بہ فضا ۾ زهر ملايو، تن کي مٽيءَ ملاءِ.
آزاديءَ جي سُرڪشا لاءِ، تون جوانن کي جاڳاءِ.

٣) ڀارت جي سرسبز کيت کي، ڪيو ماڪڙ آ برباد.
نڊر نشٺاوان نريندر، ڪر ڀارت شاد آباد.

٤) جن بہ لٽيو خود غرضن، تن جون ٽجون اُڏاءِ!
امن امان ۽ قوميت جو، ڀارت ۾ ناد وڄاءِ.

٥) خود غرضيءَ جو کيپ آ جن کي، سي ڪرسيءَ لائق ناهن.
جنتا جو ڇو پيٽ ڀرن! سي پنهنجو پيٽ ڀرڻ ٿا چاهن!

٦) ملڪ ۾ ڪيڏي آهہ غريبي، داڻي داڻي لاءِ ٻاڏائن.
پيٽ ٻکيا ڪي سمهي پون ٿا، ڪي ٿن عيشن ۾ ٿا اُڏائن.

٧) سڀ کي اٽو لٽو اجهو ملي، سڀ کي جيئڻ جو اڌڪار.
اهڙو سٺائو واءُ لڳي، ٿئي مرڪو باغ بهار!

٨) رشين منين جي پاون ڀومي، ٿئي تنهن جي جئہ جنڪار.
سڀ هندواسي کير ۾ کنڊ ٿين، ڪن هڪ ٻئي کي 'آشا' پيار.

غزل

هرڪو سمجهي پاڻ کي سير،
پر سيکو آهي مٽيءَ جو ڍير.

۱) اهم وچائڻ آ ڏاڍو اوکو،
رهٽي کهٽيءَ کيڏو ڦير!

۲) گياني ڌياني عالم عاقل،
رکن اُهي ٻيي دل ۾ وير!

۳) حج تي هلي آ ڪوئا ڪائي،
ٻڌي ٻليءَ کي گهنبٽي کير؟

۴) ڪلجڳ جي ڪا هوا لڳي!
ٻاءُ ٻاءُ وچ ۾ به ڏڦير!

۵) ڪُل جي ٻلي ۾ تنهنجو ٻلو آ،
اڍائي گهرن جو گهر تون خير!

۶) ڪاڪ محل آ قدم قدم تي،
تون ڪٽاج سنڀالي "آشا" پير.

غزل

کن پل جي تون خوشيءَ لئہ مانڊاڻ پيو منڊين!
ڪھنبي جو آھہ چنڪو ماڙيون محل پيو اڏين!

پاڇن پٺيان تون ڊوڙي، ويٺو وقت پيو وڃائين،
ڪيڏي ڪرين مٿاڪٽ! ناحق پاٽي پيو ولوڙين!

مطلب جا ماڻھو مڙئي، مطلب جي دنيا ساري!
وفاداري وئي اڏامي ڪنھن لئہ خفا خفقان پيو ڪرين!

جيڪي ڏسين پسين ٿو طلسم جا سڀ نظارا،
سپنن کي ساييا سمجھي ناحق ٻرين مرين!

رک رب سان رشتو ''آشا'' دائم جو ڏٺي آ،
دامن دعا سان ڀر تون پوءِ ڪيڏو نہ پيو وٺين!

غزل

دکن ۾ سکن ۾ تہ ھرکو پليو آ!
کٿو ۾ مٺو آزمودو مليو آ.

اسان کين کنھنکي رنجايو ستايو،
تڏھن ٻي ھوُ کيڏو تيڙو ھليو آ.

چون ٿا کڏھن ٻاڦ ٻاھر نہ کيجي،
اسان درد دل جو نہ کنھن سان سليو آ.

ٿئي غرض پوري تہ منھن ٻي مٽن ٿا،
ڏسي ٻي رُخي پاڻ جڳ کان پليو آ.

کري کيڏي ڪوشش انسان پنھنجي،
پر ملندو اُھو ئي جو مقدر رليو آ.

ڏٺيءَ کيڏي ''آشا'' کئي آ عنايت،
مٺو ماحب مرشد مونکي مليو آ.

غزل

اسان کين کنهن سان کڏهن ڪا ڦٽايون،
اسان توڙ تائين ڪا ناتو نباهيون.

سفر راهه ۾ ڪي ڪنبا ڪا وڇائن،
اسان پر سين لئه گل ڪا وڇايون.

عدوءَ سان نه آهي اسانجي عداوت،
اسن خير سڀ جو سدائين ڪا چاهيون.

ڏٺيءَ جي آ ڪيڏي اسان تي عنايت،
اسان کين احسان تنهن جا ڀلايون.

جهڙو سودو جنهن وٽ اُهو سودو ڏيندو،
اسان پيار محبت وکر ڪا وهايون.

چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي،
اسين پاڻ پهرين هنئين سان هنڊايون.

رنجائڻ سان "آشا" خدا رنج ٿئي ٿو،
اسان کين کنهنکي ستايون رنجايون.

غزل

اوهان چو اسان کان ڪريو ٿا ڪنارو؟
هجو خوش سلامت مٺا منهنجا يارو!

سفر زندگيءَ ۾ ڏٺيون لاهيون چاڙهيون،
وتوسين اسان هاڻ رب جو سهارو.

نہ مان ڪنهنجو آهيان نہ منهنجو آ ڪوئي،
تڏهن پيو ڪريون ٿا ڪيڏو پسارو!

زماني جي گردش گهڻو ڪجھہ سيکاريو،
هي خودغرض آهي سنسار سارو.

خوشيءَ ساڻ جن کي وهاريو ڪلهن تي،
ڏسو تن جو نانءُ، چڙهي ويو تن پارو!

جي ”آشا“ امن ۽ اتحاد ٿا چاهيو،
ڪڏهن ڪين ٿيو اوهين انو جوئارو!

غزل

كنهنجو نصيب كنهن كان كوئي كسي نہ سگهندو،
مقدر ۾ جو لکيو آ، سوئي اوس تہ ملندو.

١) جاکوڙ کيڏي ڪريون، جيءَ کي جفا ڏيون ٿا،
آهي فنا جو مي گهر مرڪو هتان تہ هلندو.

٢) دائم نہ ڪنهنجي هستي آهي اجائي مستي!
راوڻ پارا هليا ويا ڪوئي هتي نہ رهندو.

٣) ڪايا مايا جو بانور آهي پيارا اجايو!
سهڻو سرير هڪ ڏينهن شمشان ۾ پيو جلندو!

٤) ڪيڏو ڪرين پسارو سپني جو سڀ نظارو،
رڻپٽ ۾ رلندي رلندي سک ڪين ڪنهنکي ملندو!

٥) مالڪ کان منهن نہ موڙج جانب سان جيءُ جوڙج،
پاڇن پنيان جو ڀڪندو ''آشا'' سو نيٺ ڪرندو.

آزاد نظم

انسان

انسان
مايا جي چڪر ويوهه ۾ ڦاسي
ترشنڪوءَ وانگر
لٽڪيو پيو آهي!
نه هيڏانهن جو
نه هوڏانهن جو!

انسان
جنبد جي
ٻن پڙن ۾
پيسجي رهيو آهي
حال محرم بي وفا ٿيا
دل جو حال
هوءُ ڪنهن سان سلي!
اندر هوءُ پيو جلي!
ٻاهر ان هو پيو ڪلي!!

درد واري دل

درد واري دل منهنجي آهي
سوز ڀريا ٿي نغما ڳائي!

١) سهي سگهان دک درد نہ ڪنهنجو،
ڀئي جي غم کي ڀانيان پنهنجو،

ڪوئي تہ تن جو درد مٽائي،
درد ڀري دل منهنجي آهي.

٢) جڏهن ڏسان کي يتيم ٻار،
ڪريان اُنهن سان هڪدم پيار،

ڪو تہ اُنهن کي پنهنجو ٻڌائي،
درد واري دل منهنجي آهي.

٣) جڏهن ڏسان ڪا وڌوا ڀيڻ،
نير وهائن منهنجا نيڻ،

ڪو تہ اُنهن جا لُڙڪ سُڪائي!
درد ڀري دل منهنجي آهي!

٤) ڌن دولت واليءَ جي امانت،
تنهن ۾ ڪڏهن ڪيو نہ خيانت،

''آشا'' ڪو ڪو ونبي ورهائي،
درد والري دل منهنجي آهي.

غزل

منهنجي ڳالهہ تون چو نہ مڃين ٿو؟
ڏارين سان تون راز سلين ٿو!

ڏاريا آخر ڏاريا ٿيندا سوچ تہ ڪر،
پنهنجن ڪان چو پاڻ پلين ٿو؟

ڪنڊ ۾ ڪلي توکي ڪيڏي آکڙ!
ننڊ ۾ پيو ڇڻ تون وڦلين ٿو!

تون ڪمڙي باغ جي آهين موري،
جو راوڻ وانگر هام هڻين ٿو!

دکو بہ پيارا ڪين ڪي آهين،
پوءِ بہ پاڻ کي سير سڏين ٿو!

رڃ ۾ ريتي ريتي آهي،
پاڻيءَ بن ڪئن تہي هڻين ٿو!

ور ور ''آشا'' ڪئي هدايت،
تہ بہ اوڙاهن طرف وڃين ٿو!

منڙا محبوب دادا جشن واسواٽي

محبوب منهنجا منڙا! دم دم توکي تو ساريان،
سارينديِ توکي سُپرين، ويٺو مان هنجون هاريان.

١) كريان عرض تو الله كي، تو لئہ پنا دعائون،
توکي صحت ۽ سگهہ ڏي، ائين ويٺو مان پڪاريان.

٢) آهين لکن دلين جو تون دادا جشن سهارو،
جڳ جڳ جيئن سدائين، اِها تات تو تنواريان.

٣) تون رهنما اسانجو، نوريءِ جو تون ئي وارث،
مکڙو پسي مان تنهنجو هردو، تتل تو ٺاريان.

٤) لڳي واءُ کين کوسو توکي کڏهن پيارا!
اهڙي التجا ڏٺيءَ کي ور ور پيو اُچاريان.

٥) خادم "آشا" تنهنجي در، تنهنجي پيار جو پياسي،
نينهن جي کرين نوازش مان تو لئہ پيو نهاريان.

٦) سک سان سفر کري اچ، منهنجي روح جا تون راڻا!
باسون باسيان تي کيئي، سڀ کاڄ توتان مان واريان.

تني منني ڪوتائون

١) هڪ رڏتي ۾
ٻه چلميون
مليل ناهن دليون!

٢) ڀڃي توڀڃي چڪي آ
متان تو سمجهين
تو لٺ رُڪي آ

٣) ڪُتيءَ ڪان ٻه ڪئُر ڪاٺ
ڪڏهن چٽ چٽ ڪري
ته ڪڏهن چڪ پائي!

آزاد نظم

خود غرض

ڪيئن اُڏامون! ڪيئن اُڏامون!
اوهان خودغرضيءَ جي ڪيپ ۾
اسانجا پر ڪٽي ڇڏيا!
اکيون اسانجون پٽي ڇڏيون!
احسان فراموشيءَ جي ٻه ڪا حد ٿيندي آ!
اُميدون ارمانن ۾ مٽي ڇڏيون!
بي وفائيءَ جيءَ لٽ سان لٽي ڇڏيون!
اسانجون پاڙون پٽي ڇڏيون!

غزل

ويندين جڏهن دنيا مان توکي پَتو نہ پوندو،
آهي فنا جو مي گهر ڪوئي متي نہ رهندو.

١) ڪايا ڪيڏي بہ سهڻي، من موهڻي مجي پل،
هڪ ڏينهن سرير سندر شمشان ۾ پيو جلندو.

٢) ڪيئن لالسا ۽ لالچ انسان کي رُلائي،
دنيا جا مال اسباب ڪوئي نہ ساڻ کڻندو!

٣) رشتا ۽ ناتا آهن سڀ عارضي هتان جا،
رب جو رشتو آ دائم، رب سار تنهنجي لهندو.

٤) ڪيڏو بہ خوش ڪرين تون خوش ڪوئي ڪين ٿيندو،
خالق کي خوش ڪرڻ سان هرڪو ماڻ توکي ڏيندو.

٥) ڪر خلق جي تون خدمت ۽ بندگي ڌڻيءَ جي،
تو لئہ جهان روئندو "آشا" ويندين تون کلندو.

آزاد نظم

منهنجون نياڻيون

منهنجون نياڻيون! منهنجون نياڻيون!
ڪيڏي منهنجي سار لهن ٿيون
سي تہ نماڻيون!
پڻن کان وڌ سي سيوا ڪن ٿيون،
قدم قدم تي سي سار لهن ٿيون.
دک درد نہ منهنجو سهي سگهن ٿيون!
رڳ رڳ ۾ جن جي قرباني.
ڏاڍيون ڏاهيون سي تہ سياڻيون،
منهنجون نياڻيون آهن نماڻيون!
پنهنجا آندا هر ڪنهنکي پيارا!
منهنجون نياڻيون اکين جا تارا.
موهہ نہ، پنهنجو فرض نباهيان،
پکين کي بہ آهي اولاد پياري.
پنهنجي ٻچن کي ساهہ سان سانڍين،
ڪيڏي تن جي سار لهن ٿا!
ڪيڏو تن کي هوُ پيار ڪن ٿا.
مان بہ آندن وارو آهيان.
مان ٻي تن کي پيار ڪريان ٿو،
ڌارين کي ٻي پيار ڪريان ٿو.
پوءِ پنهنجين کي ڇو نہ مان چاهيان،
ماتا سندن وئي پرڀو پار!
مان ممتا ڀريو وهنوار ڪريان ٿو،
پڻن جيان کين پيار ڪريان ٿو.

شڪر آ

شڪر آ ڏاڍيءَ جو سوين سک ڏنائين،
نہ لائق مان آهيان مون لائق ڪيائين.

١) عقل علم سڀ آ سندس ئي امانت،
سندس ڪيڏي رحمت آهي عنايت،
تون صاحب سچي جي صفت چو نہ ڳائين!
شڪر آ ڏاڍيءَ جو سوين سک ڏنائين.

٢) جهڙو قوت جنهنجو تهڙو تنهن کي ڏي ٿو،
رزق ڏئي ٿو رازق نہ ڪنهنکي ڇڏي ٿو،
لهي سار سڀ جي سڀاجهو ٿو سائين،
شڪر آ ڏاڍيءَ جو سوين سک ڏنائين.

٣) الک جو تون احسان لاهي نہ سگهندين،
بنا فضل هنجي نہ منزل تي رسندين،
متان اهڙي خالق کي ''آشا'' ڀلائين،
شڪر آ ڏاڍيءَ جو سوين سک ڏنائين.

ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي

ڳجندڙ شير سنڌين جا توکي سدائين نمسڪار،
تون نڊر نشڪام نيتا جان ڪئي پنهنجي نثار.

١) ديش جي آزادي صدقي، سور سختيون تو سٺا!
تون سنڌين جو اعليٰ رهبر، قرب وارا قربدار.

٢) تون سنڌين جي حقن لئه لڙندو رهين جانباز!
عيوضو ڪجهه ڪجهه مليو تنهنجي ڪري ايماندار.

٣) تون رشي تياڳي تپسوي ۽ شيوا جو سروپ،
گانڌيوادي تون سچو، تون غريبن مددگار.

٤) ديش ٿيو آزاد پر ڪين ماڻيو عهدو ڪو،
''آشا'' تنهنجي زندگي آ هڪ مثال شاندار.

غزل

ڏٺيءَ جي آ ڪيڏي اسان تي عنايت،
بندو بي شڪر آ، ڪري ٿو شڪايت.

۱) علم عقل دولت سندس سڀ امانت،
امانت ۾ ڪڏهين ڪاجي ڪين خيانت.

۲) سوين سک سٺي صحت سائين ڏني آ،
تڏهن پڻ نہ راضي، گهر گهر جي عادت.

۳) اسين پنندا رهون ٿا، هوُ ڏيندو رهي ٿو،
ڪري فضل سائين، سندس آ سخاوت.

۴) ڪيڏا رب جا احسان آهن اسان تي،
ائٺي پهر جنهنجي جڳائي عبادت.

۵) ڏنو جيڪي ڏاتر سو ڏيندا رهون،
ڏيڻ ۾ ئي "آشا" اسانجي صداقت.

هيءَ دنيا

هيءَ دنيا رنگ برنگي،
هت ڪوئي نہ ڪنهنجو سنگي!

۱) ڏيان ڏٺيءَ جو هردم ڏيائج،
گڏ گووبند جا هردم ڳائج،
تنهنجو ننگ ڪٽندو هڪ ننگي،
هيءَ دنيا رنگ برنگي!

۲) غم ڪائي پيي توڙ نيائج،
سچ جو سودو سدا ڪمائج،
توکي ٿيندي ڪڏهن نہ تنگي،
هيءَ دنيا رنگ برنگي!

۳) مايا اچي ٿي مستي چڙهي ٿي،
جڏهن وڃي ٿي لتون هڻي ٿي!
”آشا“ چال مايا جي اڏنگي!
هيءَ دنيا رنگ برنگي!

غزل

ڪن کي منهنجا گل نہ وڻن ٿا،
ڪنڊا ڪنڊا صرف چبن ٿا.

١) جن جي دل ۾ قرب آ مون لئہ،
ڪيڏو هوُ مون لاءِ سڪن ٿا.

٢) دور رهن تہ بہ دل جي ويجهو،
ويجهو پر ڪي ڪين وڻن ٿا!

٣) رت جو رشتو جن سان آهي،
ٻوڙا آهن ڪين ٻڌن ٿا.

٤) ازل کان جن سان نينهن جو ناتو،
ڪيڏي منهنجي سار لهن ٿا!

٥) ٿنا ٻڌي ڪن تعصب ڪيڏو،
ناحق ڪي پيا، جلن پچن ٿا!

٦) مست رهون مستيءَ ۾ پنهنجي،
تڏهن بہ حاسد ڪين سهن ٿا.

٧) ذات تہ ذاتر جي سڀ آهي،
ويرث پاڻ تي بانور ڪن ٿا!

٨) جن تي آهي رب جي رحمت،
راهہ ۾ تن جي گل ٽڙن ٿا!

٩) دل وارا ئي، درد پڇاڻن،
جن لئہ "آشا" لڙڪ لڙن ٿا!

٣) ڇپن سان ٽي ٽڪري هيءَ ٻيڙي ويچاري،
نہ آهي ڪو رستو سجھي واٽ ڪاري،
ٽٽل ۽ ڀڳل تنهنجي ڪشتي آ ساري،
الله ٿيندو تنهنجو سدائين سهارو،
نہ دل هار مانجھي آ ويجھو ڪنارو!

۴) جو بزدل ٿئي ٿو نہ هرگز وٽي ٿو،
جو همٿ رکي ٿو سو بازي کٽي ٿو،
وڃي نيٺ منزل تي آخر رسي ٿو،
جگر رک فولادي تہ ٿين سوپ وارو،
نہ دل هار مانجھي آ ويجھو ڪنارو

۵) اي منزل جا راهي همٿ ڪين هارج،
ڦاڙن ڇپن کي تون همٿ سان ڏارج،
ڏسي رات ڪاري ٻي ڌيرج کي ڌارج،
اجھو چاڙهي ''آشا'' جو نڪتو ستارو،
نہ دل هار مانجھي آ ويجھو ڪنارو!

نہ دل ھار مانجھي

نہ دل ھار مانجھي آ ويجھو ڪنارو!
اجھو چاڻ آيو آ روش منارو!

١) برابر تکا تيز طوفان لڳن تا،
کنوڻ جا عجب چا تہ چمڪا ٿين تا،
گجي خوب بادل لڪاٽڪ وسن تا،
مٽي جلد ويندو انڌوڪار سارو،
نہ دل ھار مانجھي آ ويجھو ڪنارو!

٢) ڇتيون ڇوليون ساگر ۾ ڏاڍو ڇلن ٿيون،
ڪري شور پيدا سي ڏاڍو مچن ٿيون،
وري جلد ڪشتيءَ اندر سي اچن ٿيون،
مليو ويندو پاڻھي اِھو پاٽي سارو،
نہ دل ھار مانجھي آ ويجھو ڪنارو!

غزل

ڀين جي پيڙا، پنهنجي سمجهي ڇُلندو آهيان،
ڪنهنجو ڀي دک درد مان سهي نہ سگهندو آهيان.

۱) گل کان ڀي ڪومل دل منهنجي ڪيئن سا ڪنڊا سهي،
پر غم کائي مان، ڪڏهن ڪنڊا ڀي سهندو آهيان.

۲) پيٽ بکيا ڪي سمهي پون ٿا، مان ڪيئن پيٽ ڀريان!
ونڊي ورهائي کائڻ گهرجي، راهہ انهيءَ تي هلندو آهيان.

۳) حسد ايرکا هاجي رسائي، رت جو داڀ وڌائي،
غيرن سان ڀي ڀاڪر پائي دل کولي مان ملندو آهيان.

۴) ڏُکان ڀلي مون جهڙ کوليو، پر ڀي جي ٻُڪي نہ کاريو،
اهڙي شناخت نامي جن ۾ ''آشا'' تن تي کلندو آهيان!

غزل

زماني جي گردش گھٽو ڪجھ سيکاريو،
ڏسي رنگ دنيا جا ڌيرج کي ڌاريو!

۱) جي تارون هئا سي لهرن لڙهي ويا!
الله جي عنايت اڻ تارون کي تاريو.

۲) ڀروسو ڪبو سي ترو تن ڪڍيو آ.
خدا جي ڀروسي ٻوڙيو پنهنجو ٻاريو.

۳) ڪلي ڪنڌ ۾ جن، هوا جن جي ديڳ ۾،
ڏٺيءَ ڀي اهڙن کي در تان ڌڪاريو.

۴) جو بزدل آ ''آشا'' سو بازي ٿو هاري،
ارادي اٽل سان ڏونگر کي ڏاريو.

غزل

خوشين هوندي ڪي ناخوش آهن
ڪي تہ غمن ۾ پيي ٿا مسڪائن
١) ڪي اندر ٻاهر هڪ جهڙا
ڪي سانبي جيان ٿا رنگ بدلائن
٢) ڪي عيش ۾ ٿا مايا اُڏائن
ڪي داٽي داٽي لاءِ ٻاڏائن
٣) ڪي پيٽ بکيا ٿا سمهي پون
ڪي دارون جا ٿا دنگ لُٽائن
٤) ڪي تہ وجهن ٿا دلين ۾ ڳهارا!
ڪي ڪي کير ۾ کنڊ ملائن
٥) سياڻا عاقل دليون ٿا جوڙن
ڪي رونشو ڏسڻ لئہ چوچي لڳائن
٦) ڪي ٻيڙيءَ چاڙهي ڪين ٿا ٻوڙهو
پر ڪي ڪي ڪشتي ڪناري لڳائن
٧) ٿوري ڳهٽيءَ ڪي رُسي وڃن ٿا
توڙ تائين ٿا ڪي ڪي نباهن
٨) يانت يانت جا ماڻهو هتڙي
ڪي ڪنڊا ڪي گل تہ وڇائن
٩) جن جي دل ۾ مون لئہ پيار
سي ڳيت مٺا منهنجا ٿا ڳائن
١٠) ”آشا“ سڀ جو خير گهري ٿو
ڪي ڪي پين جا گهر ٿا ڊاهن
١١) ڪن ڪي نالي ڪان پيي نفرت آ
ڳهٽا تہ مونکي دل سان چاهن

آزاد نظم

اَنب جو وڻ

مان درخت ڇاپادار هُيس
جنهن ۾ ٻور هيو ۽ انب ٿيا
جوڀن جواني منهنجي ڏسي
هرسال منهنجو اکهه چوٽ چڙهيو
ڪي نوڙ وجهي جهولا ٺاهي
ڪي جهوليندا ۽ لڏندا ها
ڪي پيار جون لاتيون لنوندا ها
وقت وِڌو آهه ڪيڏو فرق
مان هيٺو ۽ ڪمزور ٿيس
مان هاڻي اُهو درخت آهيان
جنهن لاءِ خزان ۽ بهار ساڳي آ!
نڪي سونهن رهي نڪي ساوڪ آ
نڪي پن ڦٽندا نڪي ٻور اٿم
افسوس! نڪي هاڻي ڪي انب ڦلندا!
نڪي ڇانوَ ۾ ڪي وشرام ڪندا
چاڻ پاڙون پنهنجي ويندس مان!
ڪنهن ڪم جو ڪين رهيو آهيان!!
جڏهن جيئڻ مان کٽو فيض ادا!
موت جو طوفان چاڻ لڳو
ڪري پٽ پوندس، پر سرهو سدا
مونکي تہ خوف ڪرڻ جو ناهي!
مونکي ڊپ تہ مرڻ جو ناهي
هي نيم سرشٽيءَ جو انادي آ
جي پيدا هزارين انب ٿيا
هڪ هڪ مان وڻ پيدا ٿيندو
اُهو جڳ کي انب ۽ ڇانوَ ڏيندو

غزل

جنهنکي چوٽ چاڙهيو ٿو سو ئي ڪيرائي!
خدا شل اهڙن دوستن کان پيو بچائي

سڏائي ٿو عالم ۽ عاقل هوُ خود کي
ڪري وعظ ڪيڏا عمل ڪجهه بہ ناهي!

ڌٽيءَ جي اڳيان نہ ڪنهنجي سياٽپ هلي ٿي
پلي هوُ لوڪن کي پيو مورک بڻائي

ڪٽي وياج تي کو ڪروڙين روپيا ٿو
هوُ ڪيڏو پڏائي ٿو سيٺيو سڏائي

اسانجي مداين چڱاين جو ليکو آ جنهن وٽ
سڀوري ڌٽيءَ کان نہ ڪوئي سگهندو لڪائي!

کوهہ تي قراسي، جو وهندو سو ڪرندو
جو ''آشا'' تو چمڪي سو سڀ سون ناهي!

غزل

محبت جي خطا آهي خطا اهڙي ڪرڻ گهرجي،
جو دل کي سوز راحت ڏي انهيءَ ۾ ئي ٻَرڻ گهرجي.

١) ڪڪوريا ڪاڪ تي ڪيئي وصل جي واٽ اوکي آ،
ڏسي ڏک ڏاکڙا هرگز نہ رستي تان ورڻ گهرجي.

٢) گهڙي وچ سير ۾ سهٽي ملڻ محبوب ميهر سان،
تہ توڪل جو ٻيڙي ترهو، اسانکي پڻ ترڻ گهرجي.

٣) پنهونءَ جي جستجوءَ ۾ جنہن وئي قربان تي سسئي،
ڪندي منٿار جي ٻولها اسانکي پڻ مرڻ گهرجي.

٤) جبل جهاڳيا ٽڪر ٽاڪيا جنہن فرهاد شيرين لئہ!
وڃن پل چور تي عضوا نہ وڪ پٺتي ورڻ گهرجي.

٥) ڀلا اهڙو ڪوئي آهي نہ جنهن تي تي چٽربازي؟
جهان جي نقط چينيءَ کان نہ عاشق کي ڏرڻ گهرجي.

٦) ڏڪاري دلربا در تان وهاري ڪين ڪي ويجهو،
ڪري آزيون ڪٽي سر يار جي در تي ترڻ گهرجي.

٧) امر ٿيو داستان تن جو وڃائي عشق ۾ جن جان،
پرينءَ جي پيار ۾ ''آشا'' شمع وانگر ٻرڻ گهرجي.

منهنجي روح جا راڳا

جيڪي منهنجي روح جا راڳا تن لئہ ڏاڍو سڪندو آهيان،
تن جو تصور ڏي تسڪين، گيت ٺنا جا لکندو آهيان.

ڪيڏا ڪومل نرمل پوتر ۽ چنڊ جيان سي سيتل آهن،
پيار منجهان سي ڇاتي لڳائن، چرڻ سندن مان چمندو آهيان.

جڏهن وصل جي ويل اچي ٿي اکڙين مان ڪيئن لڙڪ لڙن ٿا!
پيار ڏئي ڪن پنهنجو پريتم تن جي ورهہ ۾ روئندو آهيان.

مٺا مٺا الفاظ اُنهن جا روح کي راحت ڪيڏي ڏين ٿا،
ڪڏهن روبرو ڪنهن ٿي-وي. تي وچن سندن مان ٻڌندو آهيان.

ازل کان تن سان نينهن جو ناتو، سپني ۾ پيي ساريان سي،
ڪن جي ڪاڻ ڪيڏان تن صدقي، سور سندن مان سهندو آهيان.

مون نابين جو نور سي ''آشا'' منهنجي اکين جا تارا آهن،
جيءَ جيئارا ملحب مٺا مان، تن جي سهاري ٽڳندو آهيان.

غزل

ملڪ ۾ ڪيڏي ٻاهه ٻري ٿي
پريم جي پاڻيءَ سان تہ وسايو!

١) پنهنجا پنهنجا گهر پيل ڊاهيو
ٻين جا گهر اوهان ڇو ٿا ڊاهيو!

٢) ڪيڏا ابهم ٻڪ ۾ ٻاهه!
عيشن ۾ ٿا ناٽڪ اُڏايو!

٣) ڇو ٿا وات جي چشڪي لئہ
ٻڪرا ٻڪريون ڪڪڙيون ڪُهايو!

٤) ڪُرسي قائم دائم ناهي
ڪڏهن نہ ڪنهنجا حق ڦٻايو!

٥) ديش ۾ جيڪي ديش دروهي
تن کي هڪدم مٽيءَ ۾ ملايو

٦) پنهنجي هستي قائم رکڻ لئہ
سنڌي آهيو، سنڌي سڏايو

٧) گانڌي گوتم جي سنتان
تن جي شان کي ڪين لڄايو!

٨) اٽل ارادي ۽ همت سان
"آشا" سوارٿ ڀوت ڀڄايو!

غزل

جي من ڪنهنجو آهه اُداس،
چانڊو ڪين ۾ پيو آهه اُماس.

ڇوڪري آ رُڃ ٿئي رُڃ،
پوري ٿيندي ڪيئن پياس!

شينهن ڪان وڌ ڏک ماڻهوءَ کان،
ماڻهو ماڻهوءَ جو کائي ماس!

اڄائي گهرن جو گهر تون خير،
تنهنجا ڪم سڀ ٿيندا راس.

آتنڪوادي ڪن ٿا حملا،
ڇوڪري آ ڪيڏو حراس!

جان مال جو ڪن نقصان،
پٿر دل سي، ڪين قياس!

ڏاڍن جو ڪيڏو ڏمڪاءُ.
نردوشن کي ڪن ٿا ناس!

محنت سان منزل تي رسنديون،
من ۾ رک ”آشا“ وشواس.

غزل

آهي ڪو جو مَن کي سمجهائي،
ڳارين جو تو ڏوڙيو وسائي!

۱) مان موم دل نازڪ دل آهيان،
ڪيئن پٿر دل، پٿر اُڇلائي!

۲) بنا سبب جي ڪروڌ ڪري تو،
پاڻ جلي ۽ ٻين کي جلائي!

۳) پوڄا پاٺ ڪري پل ڪيڏا!
ڏکو نہ داخل تنهن جو آهي.

۴) خُدا بہ تنهنکي معاف ڪري نا،
جو ناحق ٻين جي ننڊ ڦٽائي.

۵) صاحب ”آشا“ سڀ جي اندر،
سياڻو ڪنهنکي ڪين رنجائي.

غزل

هڪ ٻي جي پڳ ڪين ڪي لاهيو!
پنهنجي پڳ پلي ٿاهي پايو.

غلطفهمين جو ٿيو نہ شڪار،
سياڻا آهيو ڪجھہ ساڃهايو.

ٿوريءَ ٿوريءَ رُسي وڃڻ!
نينهن جو ناتو توڙ نباهيو!

غيرن سان ڪري گهر جي ڳالھ،
پاڻ تي ڇو ٿا خلق کلايو!

ڇو ٿا ڪير ۾ لوڻ وجهو؟
لوڻ جي بدران مصري ملايو.

ڪڏون کوٽيو ٿا ڪنهن لئہ پيارا!
کوهہ تي ڦراسي ڪين وڇايو!

ڏاها ٿيو ڪُجھہ ڏرو ڏاتر ڪان،
"آشا" سڀ جو خير منايو.

غزل

توهان پاڻ کي ڇو ايڏو پڏايو!
آهيو مُٺ هڏين جي تا سهٽو سڏايو!

١) عمل جو ڪري تو سچو سوئي عالم،
بنا عمل جي تا فاضل چوايو!

٢) نہ عيبن کان ڪو آجو دنيا ۾ آ ڪوئي،
اوهان پاڻ کي ڪيئن تا ڪامل سڏايو!

٣) لکين بي اجهي تا فاقا ڪين!
اوهان ڇو عيشن ۾ تا مايا اُڏايو!

٤) جيڪي آ اوهان وٽ اللھ جي امانت،
ڏٽيءَ جي ڏني مان ڪجھ ونديو ۽ ورهايو!

٥) بنا بندگي آ هيءَ رندگي اجائي!
''آشا'' وجھ هي سونو نہ هرگز وڃايو!

غزل

جڏهن ڪو دل کي آٿت ڏيندو،
دل جو بار پوءِ هلڪو ٿيندو.

١) هت هرڪو پنهنجيءَ ۾ آ پورو،
لڙڪ اُگهڻ لئه ڪير نه ايندو!

٢) اڄ ادائي گهرن جو خير ها گهرندا،
هاڻي هرڪو پنهنجو خير آ گهرندو.

٣) ظلم ظالم جو ڪيسين سهبو؟
چٽنگ مان آخر ڀنيٽ ته ٻرندو.

۴) ڪوڙو ٻوڙي ڀل ڪُڏ تائين،
هڪ ڏينهن سچ جو ٻيڙو ترندو.

۵) هيٺن جو هڪ الله آ واهي،
ڏاڍن کان هرڪو آ ڏرندو.

٦) اٽل ارادو همت رک تون،
”آشا“ هڪ ڏينهن وارو ورندو.

غزل

هرڪو پنهنجيءَ ۾ آ پورو،
ڪنهنکي دل جو حال ٻڌايان!

١) ٻوڙن جي هن بستيءَ ۾ بس،
گونگو ٿي مان سڀ سان نڀايان.

٢) ٻولي گونگن جي گونگا سمجهن،
ٻوڙن اڳيان ٿو ڍهل وڄايان!

٣) خودغرضيءَ جو ڪيپ آ جن ڪي،
شعر جي ذريعي تن ڪي جاڳايان.

٤) ڪي مريادا جا ليڪا لنگهن ٿا،
شرم اچي ٿو، تن ڪي شرمايان!

٥) غيرن کي ڏئي دل جو حال،
ڇو مان پاڻ تي خلق کلايان!

٦) دل مهتي کو لڙڪ مان لاڙيان،
”آشا“ سوز جا نغما ڳايان.

غزل

منهنجي ٻالھ تون ڇو نہ مڃين ٿو،
روڪيان توکي تون دور وڃين ٿو.

١) پتين کي پي ڪن ٿيندا آهن،
ڏارين سان تون راز سلين ٿو!

٢) ڏاريا آخر ڏاريا ٿيندا!
پنھنجن کان ڇو پاڻ پلين ٿو؟

٣) تون ڪمڙي باغ جي آهين موري!
ڇو راوڻ وانگر هوڏ هلين ٿو؟

٤) دڪو بہ دلبر آهين ڪين،
پوءِ بہ پاڻ کي سير سڏين ٿو؟

٥) حسد جي باھ تي ختم ڪري،
تون ناحق تنھن ۾ جلين پچين ٿو!

٦) پاڻ نہ پلي ڏوجهان مت ڏيوين!
اهڙي وات ڇو "آشا" وئين ٿو!

غزل

پاڻيءَ کان اڳ ڪپڙا لاهين،
پاڻ کي ٿو تون سياڻو سڏائين!

١) پنهنجي پيرن تي هٿين ڪهاڙي،
تون تہ وڏو ڪو مورک آهين!

٢) چپ ڪر ٻوڙن جي بستي آ،
گونگو ٿي تہ گذار، جي سياڻو آهين.

٣) سياڻو ڪانءُ ٻہ ٽنگو ڦاسي،
متان پاڻ کي تون ڦاسائين!

٤) ٻلي ڪرڻ سان ٻلو ٿئي ٿو،
پير ٻلائيءَ جا ٻر ٻلو جي چاهين!

٥) ڪڏهن نہ نانگ جي ٻر ۾ هٿ وجهہ!
متان ”آشا“ اِها ڳالهہ ڀلائين!

غزل

اَسي پار هوندي عداوت ڪريو ٿا!
ڪپي ڇا توهانکي؟ حقارت ڪريو ٿا!

١) گذاريِ اوهان عمر ڪندي عيب جو ئي،
هاڻي ڇو نہ سڀ سان محبت ڪريو ٿا؟

٢) ڇو پنهنجي پيرن تي ڪهاڙي هڻو ٿا؟
اهو جي ڪري ڇو نفرت ڪريو ٿا!

٣) نفرت ڪرڻ سان ٿئي ناساز صحت،
تڏهن يي نہ اختيار اُلفت ڪريو ٿا!

٤) ضمير جنهنکي آهي سو ثابت قدم آ،
”آشا“ ڇو نہ سڀ سان محبت ڪريو ٿا!

غزل

کنهنجي دل کي ڪين رنجاءِ،
ناحق ڪنهنجي ننڊ نہ ڦٽاءِ!

١) سڀ ڪجهہ والي وياپڪ آهي،
تون سڀ کي فيض رساءِ.

٢) جهڳڙو سودو جنهن وٽ هوندو،
سوئي ڏيندو، تون سچ جو وکر وهاءِ.

٣) ڪو ڪسو هلي ڪو پڪو هلي،
تون سڀ سان توڙ نڀاءِ.

٤) پياسي پياسي دليون جي آهن،
ڏئي پيار اُنهن جي پياس بجهاءِ.

٥) نفرت جي تابش آ چوڌر،
تون محبت مينهن وساءِ.

٦) رب جي رحمت جي تو چاهين،
"آشا" سڀ کي سک پهچاءِ.

غزل

برو ڪين ڪنهنجو ڀلو سڀ جو چاهيون،
اسين خير خواهہ سڀن جا تہ آهيون.

١) ڪي يارن جي وچ ۾ ٿا چوچي لڳائن،
ٺهيل گهر ٿا ڊاهن، اسين گهر ٿا ٺاهيون.

٢) نفرت ماٺوءَ کي نهوڙي ڇڏي ٿي،
اَسان پيار جي ٿا جوتي جڳايون.

٣) ڪي عادت کان مجبور ڪندا ٿا وڇائن،
اَسان پر سڀن لئہ گل ٿا وڇايون.

٤) جهڙو سودو جنهن وٽ سوئي سودو ڏيندو،
اسان ڀال ”آشا“ سڀن سان ڀلايون.

غزل

اوهانکي اسان سان ڦٽائڻ نہ گھرجي!
ٻَنڌي نينھن ناتو، ستائڻ نہ گھرجي.

١) اسين قرب وارا ڪري قرب چاٽون،
شمع پيار جي ائين وسائڻ نہ گھرجي.

٢) اوھان سان ڪڏھن ڪين سينو سھايو،
آھيون موم دل، اوھان کي رنجائڻ نہ گھرجي.

٣) خطا جي ڪئي آ خطا بخش آھيو،
اوھان آھيو پوشيدہ، منھن مٽائڻ نہ گھرجي.

٤) اوھانجي عنايت جو ''آشا'' آ ڪانکي.
پنھنجي دل جي در تان ھٽائڻ نہ گھرجي.

جدا جدا وزن بحر
جدا جدا خيال
پہ سنا

١) نہ کر کنهن تي خندھ زيني، نہ ڪوئي ڪير ڏوتل آ.
ڪنهنجي صورت، ڪنهنجي سيرت، نہ خوشبودار هر گل آ.

٢) خدا جو خوف رک هردم، نہ ڪنهنجي عيبجوئي ڪر،
نہ عيبن کان ڪو آجو آ، تون جهاتي پاءِ پنهنجي اندر.

٣) ڪيڏاري تون ڪين ڪي آهين جو ڪيڏين راند سياست جي،
ڪيئن هارايو پاندون پيي لڳي لڙائي مهاڀارت جي.

۴) دنيا خود غرض ٿي ''آشا'' نہ ڪنهن تي پيي ڀروسو ڪر،
خدا ۾ تون يقينو رک تہ ٿيندي تنهنجي ساري سر.

٥) اسان موقعي پرستن کي گهڻو ئي آزمايوسين،
وڃايوسين اسان جيڪي اُنهيءَ کان وڌ پرايوسين.

٦) ڇٽل ڪين ڪوئي عيبن کان آهي،
ڪوئي پيي دنيا ۾ ڪير ڏوتل تہ ناهي!

٧) ڪلجائڻ کان ڪنهنکي ڪلائڻ سٺو آ،
رُسائڻ کان ڪنهنکي رسائڻ سٺو آ.

٨) ڪين ڏيو ڪنهنکي ڏوراپو،
وقتي ويو هرڪنهن ۾ آيو!

٩) اسين سڀ عارضي آهيون،
تڏهن بہ پين جي ننڊ ڦٽايون!

آزاد نظم

فقير

فقير
تہ
فڪر
ذڪر
هڪ خُدا جو
ڪري سدائين
شڪر شڪر!
دل ۾ درد
اندر ۾ عشق
اکين ۾ اشڪ
في رهن فارغ دنيا کان
قي قلب سي صاف ڪن
يي يقينو يار ۾
ري روحاني راهہ ۾ رمندا رهن
سي سچا سالڪ امير

٢١) جت جاءِ پاڇڻ جي ناهي،
تت پاسو ڪرڻ جڳائي.

٢٢) چنتائون ڪن چڪناچور،
چنتن ڪري ٿو سڀ دک دور.

٢٣) خاوند جو آ جن کي خيال،
خاوند تن جي لهي سنڀال.

٢٤) لاظمع ٿي رهه دنيا ۾ جي ٿيڻ چاهين سکي،
رک تمنا هڪ ڏٺيءَ جي ڪين ٿيندين تون دکي.

٢٥) ڪشمڪش جي جنڊ ۾ پيا ڪي پيسجن،
ٻاهران پيا مشڪن اندر پيا هيسجن.

٢٦) ترڪ کي تون ترڪ ڪر ماٺ ۾ "آشا" گذار،
سانت ۾ صاحب ملي، سانت ۾ سائين سو سار.

٢٧)سڀ ئي ڳالهيون هٿ نه ايندڻون،
سڀ ئي مرادون نه پوريون ٿينديون.

٢٨)ڪڏهن به ڪنهنجي اهل نه ڪر تون،
رب ڏاڍو ڏٺي آ تنهن کان ڊڄ تون.

٢٩) ڪرڻ ڪين گهرجي ڪنهنجي عيبجوئي،
نه عيبن کان آجو هتي آهه ڪوئي.

٣٠) توهان سان پاڇڻ اسانجو نه ڪم آ،
توهان زور وارا اسانجو نه دم آ!

۱۰)ياڻ ياڻ ۾ آ ناسازي،
ڪوئي نہ ڪنهن مان آهي راضي.

۱۱) زماني جي گردش گھڻو ڪجھہ سيکاريو،
اللهہ جي عنايت فضل آهہ تاريو.

۱۲) اوهانجي آمد لئہ اکڙيون وڇايون،
مرحبا مرحبا مٺا گيت ڳايون.

۱۳) اسين خيرخواهہ سڀن جا تہ آهيون،
برو ڪين ڪنهنجو سپني ۾ چاهيون.

۱۴) اللهہ لوڪن سان ڪجي نہ مستي،
مستي ڪرڻ سان ختم ٿي هستي.

۱۵) ٻارن وانگر ڪريو تڪرار،
جهٽ پٽ ڪن هڪ ٻي کي پيار.

۱٦) وير وروڌ مان ڪجھہ نہ وٺيندين،
پنهنجي ناحق پاڙ پٽيندين.

۱۷) ڏٺا ڏيڻ ۾ تون هوشيار!
سمجھين ٿو مان آهيان ٻار!

۱۸) ڇو ردن اڱيان رباب وڄائين،
ويرٿ پنهنجو وقت وڃائين.

۱۹) هر ڪنهنکي ٿي وارا ڀارا،
دلگير نہ ٿي تون دوست پيارا!

۲۰) ڏاڍا ڏکيارين ڏينهن جا تارا،
وجهن دلين ۾ گھارا گھارا!

تنهنجو سهارو

مان بي سهاري آهيان، تون ئي منهنجو سهارو،
تون ئي منهنجو سهارو، منهنجي جيءَ جو جيئارو.

١)سنسار جي ساگر ۾ آهيان ڪُنن ۾ جڪڙيو،
تون ئي ملاح ڪامل، ڳهرجي تنهنجو ڪنارو.

٢)قدرت جو ڪارخانو تنهنجو عجيب آهي،
تنهنجي ئي رحم سان سائين چرخو چلي ٿو سارو.

٣)ڪوليءَ کي ڪڻ ڏئين ٿو هاٿيءَ کي مڻ ڏئين ٿو،
لهين سار ٿو سڀن جي، تنهنجو سچو پسارو!

٤) ظاهر بہ تون ئي آهين باطن بہ تون ئي آهين،
گلشن ۾ گل ٽڙن ٿا، تنهنجو مڙئي نظارو.

٥)وس وارو والي آهين بندو تہ آهي بيوس،
حيلا هلائي ڪيڏا، تنهنجو فقط اشارو!

٦)عاقل ماجي ڪو عالم ڪنهنجي نہ هٿ ملي ٿي،
جنهن تي ڪرين عنايت ''آشا'' ٿي سو سوپارو.

غزل

حق وارن جا حق نا ماريو!
ڪجھ خوف خدا جو ڊاريو!

ناني رڌي ۽ ڏوهٽا ڪائن،
اِها ريت پراڻي وساريو!

سرڪاري پَدُ کو پيڍي ناهي!
ڪجھ پنهنجي اندر ويچاريو.

خود غرضيءَ جي ڪيپ ۾ آهيو،
وٽ وويڪ جي من ۾ پاريو!

متيپد هاجي، من پيد نہ پر،
''آشا'' تنتل دلين کي ٺاريو!

غزل

بنا باھ جي چو تو جلين!
چو نہ حسد کان پاڻ پلين!

۱) ڪوڙ ڪپٽ مان ڪجھ نہ وٺندين،
سچ جي وات تي چو نہ هلين!

۲) ڊاريا آخر ڊاريا ٿيندا،
تون تن سان دل جو راز سلين!

۳) يتين کي پِي ڪَن ٿيندا آهن،
جاڳ هوندي پِي تون تو وڦلين!

۴) ''آشا'' اپوجهن جو آھ اللھ،
چو چترائيءَ جي چال چلين!

چوسٽا

١) هر گل ۾ پنهنجي نزاڪت آ،
هر شعر ۾ پنهنجي فصاحت آ،
سو عوام ۾ پيارو شاعر آ،
جنهنجي شعر ۾ آشا سلاست آ.

٢) ڪئن نہ ٻُڌڙ تي ماڪوڙا مکيون مڙن،
ڪُتا بہ مانس هڏين لئہ وڙهن،
زر زمين زن لئہ سياڻا بہ،
پاڻ ۾ خوب وڙهن لڙن!

٣) چرچي کي سايپيا تو سمجهين،
بنا سوچ جي ائين تو ورچين!
نوڙيءَ کي تون سمجهين نانگ،
ناحق اُلجهن ۾ تو اُلجهين.

٤) ٻي کي پنهنجو گهر نہ ڏيکار،
ڪري نہ توکي ڪڍهن خوار،
ميرن کي پنهنجي گهر مان لڳي،
رستو اهڙو ڪر نہ اختيار.

٥) مايا مان جس کيٹ نہ آيو،
عيشن ۾ تن پنهنجو اُڏايو،
قرضن جا ويا ڪوٽ چڙهي،
پوءِ لڙڪ لاڙيندي پڇتايو!

دوها

١) جيڪا رضا رب جي تون تنهن تي راضي رهه،
سالڪ هردم صبر ڪر ڪنهنکي ڪاجهه نه چئه.

٢) چئي خوشامد لوڪ جي، ڪر خلق جي خدمت،
خدا خلق ۾ تو وسي، خلق سان ڪر محبت.

٣) جنهنکي پوناجي نام جي سفر تنهن جو سهناجو،
جنهنکي زر زمين آ، سفر تنهناجو اهناجو.

٤) ڪارو پاڻي سمنڊ جو ڪنهنکي ڪين وڻي،
پاڙو جو پولي تنهناجو، ڪو متر ڪين بڻي.

٥) ڪنهن سان ڪين ڦتاءِ، تون سڀ سان توڙ نباءِ،
پلو هلي يا ڪو برو، سڀ کي گلي لڳاءِ.

٦) سنتن جي درشن سان من تي باغ بهار،
پريم جو اوتار سي، ڏين سين کي پيار.

٧) ساڌڪ ڪر تون ساڌنا پريو پري نه چاڻ،
اندر ڪر آراڌنا صاحب توسان ساڻ.

غزل

کير پلا ڪنهنکي پرچائي!
ڏوھ پنهي مان ڪنهنجو ناهي.
١) وچ وارا ٿا وٿيون وجهن،
رت کي هوُ رتُ سان ويڙهائي.
٢) رونشي وارا رونشو ڏسن ٿا،
ڪو ڪو کير ۾ کنڊ ملائي.
٣) سک ۾ ساٿي سوين ملن ٿا،
دک ۾ ڪو ڪو توڙ نباهي.
٤) ڪس ڪائڻ ۾ ئي جس آ،
پر ورلو ڪوئي غم ٿو کائي!
٥) دل مهٽي کو پيار ڪري،
اهڙو منهنجو مرشد آهي.
٦) ناني رڌي ۽ ڏوهٽا کائن،
پر اڄڪلھ پهرين ناني کائي.
٧) ''آشا'' نينهن نباهڻ اوکو،
ورلي کو ڪو ساٿ نباهي!

٦) ڏانءُ جيئڻ جو ڪنهنکي
ڪ ن ھ ن ڪ ي ،
سک بہ ملي ٿو ٿنهنکي ٿنهنکي،
ڪي ڏن هوندي ٻيي نرڏن آهن،
ڪلا جيئڻ جي ڪنهنکي ڪنهنکي.

٧) اسين آهيون وڃڻ وارا،
نہ هتڙي کو رهڻ وارا!
ڪريون غم يار جو ڪهڙو!
اسين خود ٻيي لڏڻ وارا!

٨) داتا جو در ڏس کڙڪائي،
ڪيئن نہ اُميدون هوُ ٿو پڄائي،
دنيا جا در ٺوکر ڏين ٿا،
ڏس پريوءَ کي تون پرچائي.

غزل

ڏٺيءَ توسان ڪيڏي ڪئي آ ڀلائي!
مگر تو سندس آ ڀلائي ڀُلائي!

١) خزانو سواسن جو توکي ڏنائين!
مگر عمر غفلت ۾ غافل گنوائي!

٢) تو عهدي ۽ اقبال ۾ پاڻ اٽڪي،
تو ريجهي رسن، دل دنيا سان لڳائي!

٣) اڃان وقت ٿئي نہ ويرٿ وڃائج!
ڪري بندگي زندگي ڪر سجائي.

٤) ڏٺيءَ جي ڏني مان سدا ڏيندو رهہ تون،
ڏنو ٿئي ٻنو، پوءِ ڪمي ڪا نہ ڪائي!

٥) دعائون اڏيندءِ، ديا جي ڪندين تون،
"آشا" تون ڪندو رهہ سڀن سان چڱائي.

پيارو رام لعلچنداڻي

وئين ڪري پرواز پيارا رام چترڪار تون!
وئين ڏئي ڏک ڏهاڳ جو شويا جو پتار تون!

ڪنهنکي آنند سڏ ڪري ڊيدي، چوي توکان سواءِ!
امرتا سڏڪي سڏڪي ڪنهنکي پپا اچ چوي منٺار تون.

تو ڪلا پنهنجيءَ سان جوهر ڏيکاريو، سنڌي سپوت،
تنهنجي رڳ رڳ ۾ هئي سنڌيت، رام پيارا دلدار تون.

ڪير سينگاريندو ڪتابن جا ڪور، هندواسي سنواريندو ساڃڙ؟
توکي ڪلا واري اک هئي، پرکڻ ۾ هئين هوشيار تون.

ڪيڏو قدر منهنجو ڪندو هئين "آشا" وساري سگهندو نہ مور،
قرب تنهنجي جون ڪماڻيون ياد رهنديون قربدار تون.

غزل

کن پل جي تون خوشيءَ لئہ ساري حيات لوڙين!
خود غرض آھہ دنيا ڇو پاڻ تو پتوڙين!

طلسم تي ھرڪاڄي تو سچ کي ڇڏيو وساري،
پائي پروڙ ڇو نہ تو جانب سان جيءَ جوڙين!

جن لئہ ڪرين خفا تو، سي بہ وفا اٿيئي،
ڏئي پاڻ کي جفا تون ناحق پاٽي ڇو ولوڙين!

دنيا جا مال اسباب آھن اکين جو ڏءُ سڀ،
سپني کي ساپيا سمجھي، ناتو ڇو نہ تن سان توڙين؟

لھرن لقاءُ ڏسندي، لھرن جو لعل پسُ تون،
لھرن ۾ ڪين لڙھہ تون، متان پاڻ کي تون ٻوڙين!

بلبل فدا ٿي گل تي، پر گل تہ عارضي آ!
دائم جو ”آشا“ آھي تنھن کان ڇو منھن تو موڙين!

محبوب منهنجو

محبوب منهنجو منڙو منهنجي اڱڻ ۾ ايندو،
منهنجي اڱڻ ۾ ايندو، ديدار پنهنجو ڏيندو.

١) سالن کان مان سڪايل، آهيان ازل کان اُڃايل،
تيندي پياس پوري منهنجي مونکي پاڻ ساڻ نيندو.

٢) لوڪن کي لک نہ آهي منهنجي اندر جي ڪائي،
آهيان ڏکن ڏتي مان، دک درد سڀ ڪٽيندو.

٣) سڏڪي ڪريان ٿي سڏڙا، روئندي گذاريان راتيون،
پوريل جو در ورهين کان، محبوب سو پٽيندو.

٤) 'آشا' وصل جو آ طالب، ٻي چاهہ ڪين ڪائي،
مان خوش نصيب ٿيندس، جڏهن فضل اللہ جو ٿيندو.

غزل

اوهان ڇو ڪريو ٿا اسان سان حقارت!
وساري ڇڏي ٿوَ اسانجي صداقت.

اوهان پيي اُميدن تي پاڻي آ ڦيريو!
دعائون ڪنداسين هجو خوش سلامت.

وڏي دل اسانجي پيا سهنداسين تعنا،
نہ ڪوئي آ شڪوو نہ ڪنهن لئہ شڪايت.

اللہ واهي اسانجو، ڪيو پل ڪنارو،
اسان توڙ تائين ڪنداسين محبت.

جي گهارا ۽ رخنو وجهن ٿا دلين ۾،
چوان ڪيئن عالم؟ اندر تن جهالت!

بندو بي شڪر آ پيو وقلي سدائين،
اسان تي ڏٺيءَ جي ڪيڏي ”آشا“ رحمت.

غزل

مان ڪنهن سان ڪين ڦتايان ٿو،
مان سڀ سان نينهن نڀايان ٿو.

وڻ وڻ جي آ ڪائي هٽڙي،
مان سڀ کي پنهنجو ڀانيان ٿو.

چوڌاري نفرت جي اوندھہ،
مان پريم جي جوت جڳايان ٿو.

ڪو ڪسو هلي يا پڪو هلي ٿو،
مان سڀ کي گلي لڳايان ٿو.

ڪي وٿي وجهي ويڙاهن ٿا،
مان رڪلن کي پرچايان ٿو.

ٽوڙڻ ڊاهڻ ڪم نہ اسانجو،
مان جوڙي دليون ملايان ٿو.

ادائي گهرن جو خير گهران مان،
''آشا'' گيت پيار جا ڳايان ٿو.

منهنجا مرشد

محبوب منهنجا مٺڙا ور ور توکي مان سارِيان!
ساريندي توکي پريتم ويٺي مان هنجون هاريان!
آهين پيار جو تون ساگر ڪيڏو پيار تون ڪرين ٿو،
تنهنجي پيار جي مان پياسي پل پل تو لئہ پڪاريان.
منهنجي اکين جا تارا! منهنجي جيءَ جا جيئارا!
احسان ڪيڏا تنهنجا هرگز نہ مان وساريان.
الفاظ تنهنجا مٺڙا روح کي ڏين ٿا راحت،
تصور ڪندي مان تنهنجو نيڻن ۾ مان وهاريان.
ڪيڏي سار تون لهين ٿو پريتم منهنجا پيارا!
"آشا" تي ڪر عنايت، تو ڏي صرف نهاريان.

پوُر پون

پل پل تنهنجا پور پون ٿا،
ياد ڪندي منهنجا نيڻ ٿمن ٿا.

١) جانب منهنجي جيءَ جا جيئارا!
جڳ جا نظارا ٻسا لڳن ٿا.

٢) ڪين ٿي ڏاڍي دل ڪنهن مان پيي،
توڙي ڪيئي لوڪ ملن ٿا!

٣) تنهنجي عنايت ڪيڏي مون تي،
سياڻا لوڪ به ڪين سهن ٿا!

۴) درد ڪيو آ ديرو دل ۾،
درد وارا دل ڪي سمجهن ٿا.

٥) قدر ڪيو تو ڪيڏو منهنجو،
مور نه پيا دل منهنجي وڻن ٿا.

٦) ''آشا'' غم ڪائي پيي ٿاهه ڪريان
ٿاهه ڪندي پيي ڪين ٿمن ٿا!

سپنو

بنا خرچ مان گهمان ڦران ٿو،
لنبڊن پئرس چڪر هڻان ٿو.
پاسپورٽ جي ڪين ضرورت،
بنا ويزا جي اچان وڃان ٿو.
ڪڏهن گوئا جو بيچ ڪنارو،
بنا خوف جي آنءُ تران ٿو.
ڪڏهن تاج محل ڪڏهن اشوڪا،
هوٽل ۾ مان طعام کائوان ٿو.
ڪروڙن جو ڪاروبار هلي ٿو،
وڏا وڏا واپار ڪيان ٿو.
انڪم ٽئڪس ڪين ڀريان ٿو،
ليکو چوکو ڪين رکان ٿو.
ڪار ۾ اي.سي. ٽرين ۾ اي.سي.
هيليڪاپٽر ۾ چڪر هڻان ٿو.
''آشا'' ڪلهي ٿي اک جڏهن،
سپنن ۾ مان سئر ڪريان ٿو.

تنھنجي تات

تنھنجي تن ۾ تار من ۾ تار،
ڪڏھن ملنديون مٺا منٺار!

١) پريتم تو لئہ اکيون وڇايان،
آھت تي مان جھاتيون پايان،
ٻيو وٽي نہ ڪو ڪم ڪار،
ڪڏھن ملنديون مٺا منٺار!

٢) ورھہ ۾ آھيان آنءُ ويڳاڻي،
تون منھنجو راڻو مان تنھنجي راڻي،
اچي ساجن لھہ تون سار،
ڪڏھن ملنديون مٺا منٺار!

٣) تنھنجي عنايت جي آ چاھت.
تصور تنھنجو مون لئہ راحت.
”آشا“ پايان حب جا ھار،
ڪڏھن ملنديون مٺا منٺار!

محبوب مٺا

ديدار ڪندي منهنجي دل ٺري،
مٺا توکان سواءِ منهنجي ڪين سري!

١) تون پيار جو ساگر آهين اجهاڳ،
ڪير تو کان سواءِ مونکي پيار ڪري!

٢) تنهنجو تصور مون لئہ وڏي نعمت،
تصوير تنهنجي اکڙين ۾ تري.

٣) تون ويجهو ونين کان آهين مٺا،
ست سمنڊ توڙي تون آهين پري.

٤) ڪيڏي سار سڄڻ سدا تون ٿو لهين،
احسان ڪڏهن نہ تنهنجو وسري.

٥) جنهن تي نينهن جي نوازش 'انجلي' ڪرين،
تنهن جو 'آشا' جهٽ ٿو وارو وري.

پيگتي گيت

لک احسان

پريوءَ جا مچ لک احسان،
ڳاءِ سدائين سندس گڻ گان.

١) گهڙي تہ گذري باقي توري،
ڏاتر کي ڏي پنهنجي ڏوري،
داتا ديالو آ دياوان،
پريوءَ جا مچ لک احسان.

٢) سالم سڀني صحت ڏنائين،
پنهنجي پنداري مان تہ پريائين،
ڪيڏو ڪيائين شان ۽ مان،
پريوءَ جا مچ لک احسان.

٣) والي‌ءَ کي ”آشا“ نہ وسارج،
پيار ۽ نؤڙت ڌيرج ڌارج،
مهر ڪندو مالڪ مهروان،
پريوءَ جا مچ لک احسان.

ٻال گيت
ڏياري

جيءُ آئي نچ آئي ڏياري،
خوش آ ڀارت جو نر ناري.

١) گهر گهر پريم جا ديپ جڳايون،
نفرت جو انڌڪار مٽايون،
وئي خزان ۽ آئي بهاري،
جيءَ آئي! نچ آئي ڏياري.

٢) رام جي مريادا اپنايون،
ڀرت جو ڀراتر پريم وڌايون،
ٿيون هنومان جئن شيواڌاري،
جيءَ آئي! نچ آئي ڏياري.

٣) رُسي ويل ڀائر پرچايون،
ڪائون مٺائي ۽ ڪارايون،
رات جو آتشبازي ٻاري،
جيءَ آئي! نچ آئي ڏياري.

ٻال گيت

رکشا ٻنڌڻ

اڄ رکشا ٻنڌڻ جو ڏڻ وار،
ڀيڻ ڀاءُ کي ڪري ٿي پيار.
ڀيڻ ٻڌي ٿي ڀاءُ کي رکڙي،
چوي ٿي ڀائو لهجانءِ سار.
ڀيڻ ڀاءُ کي مٺو ڪارائي،
خرچي وٺي ٿي باغ بهار.
راکي پريم جي آهي نشاني،
پريم ئي جيون جو آڌار.
نرمل نينهن جو ناتو نباهي،
ڀيڻ وڃي ڀاءُ تان ٻلهار.

تنهنجو پيار

مونکي گهرجي تنهنجو پيار،
حب جو پايان توکي هار.

۱) چت ۾ چوراکوري آهي،
ڪڏهن ڏيندين ديدار!
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

۲) پل پل پور پڇايان ويٺي،
ڪڏهن تون لهندين سار!
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

۳) ڪيئي ورهيہ ورهہ ۾ گذريا،
وصل جي واٽ واجهايان يار،
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

۴) لوڪن مان دل ڪين ٿي ڍاپي،
تون مل مون سان هڪوار،
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

۵) تن جو تنبورو ويٺي وڄايان،
تون سان ڳنڍيل آ دل جي تار،
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

۶) منهنجي روح جو تون ئي راڻو،
''آشا'' در تنهنجي پينار،
مونکي گهرجي تنهنجو پيار.

ٻال گيت
پرارٿنا

ديالو ديا ڪر تون دياوان آهين،
ڪري مهر مالڪ سُمت ڏي تون سائين.

١) ٻڌي ڏي ۽ ٻل ڏي شرڻ تنهنجي آهيون،
پليل آهيون سائين سنئين دڳ لڳائين.

٢) تنهنجي رحم سان ٿي هلي دنيا ساري،
تون ساري جڳت کي ٿو پالين نپائين.

٣) پتا مات وڏڙن جي شيوا ڪريون نت،
ڪٿون تن جي آسيس، دعا ڪر تون سائين.

٤) وديا دان ڏئي ڪر ودوان پريو!
اِهو عرض ”آشا“ جو سائين اگهائين!

مان سنڌي

مان نہ هرگز ڀلائيندس پنهنجي سنڌي ٻولي،
ڏني جنهن ۾ جياجل پينگهي ۾ مونکي لولي.

١) مان سنڌي سورمو نہ امڙ جي ٿڃ لڄائيندس،
پٺيءَ تي ڪين، پر سهندس سيني تي گولي.

٢) مان سنڌو ۽ گنگا جو جل پيتو، پليو سنڌ هند ۾ آهيان،
مان خوددار آهيان نہ ڦهلائيندس ڪڏهن جهولي.

٣) مان سنتن ۽ صوفين مان گهڻو ئي پرايو آ،
عنايت تن جي ڪيڏي آ، آهيان تن جي درجي گولي.

٤) منهنجا محبوب ۽ مرشد ڪيڏا هوُ مهربان آهن،
”آشا“ پرور پت رکندو، ڪندو اؤليءَ مان هوُ سولي.

غزل

شڪرانا لکہ الک جا هلنديءَ پنهنجي هلائي،
آهي التجا ڏٽيءَ کي ڪنهنجو موٽاج نا بڻائي.

١)خزان زندگيءَ جي آئي، گل ڪين هاٽي ٽرندا،
دامن ڪندن ڪان منهنجو ڪامل مرشد بچائي.

٢)ڪُنن جي وچ ۾ آهي ڪشتي منهنجي پراٽي،
ڪامل ملاح منهنجو بندر تي شل پڄائي.

٣)ڪريان خلق جي مان خذمت ۽ بندگي ڏٽيءَ جي،
ان راهہ تي هلي شل هوُ ماٻ تي رسائي.

٤)واليءَ جي وس ۾ ڏوري ڏکيو نہ ڏينهن ڏيکار،
ڪيڏي سندس عنايت ”آشا“ ثنا ٿو ڳائي.

ٻال گيت
ھونھار

اُٿي ڪو پنھنجو ھونھار!
ھي ٿي ڪين رڪاڄ آڌار.

١) محنت جو ڦل مٺو سدائين،
ڪائي ڏس تون منھنجا يار!

٢) ٽٽيءَ ٽڏيءَ ھاري ھر ڪيڙي،
پيدا ڪري ٿو ان انبار.

٣) ٽوٻو سمنڊ ۾ ٽٻيون ڏئي،
آڻي ھيرالعل ھزار.

٤) محنت سان ڪم راس ٿين ٿا،
سستيءَ وارو ڪائي مار.

٥) محنت سان ٿي ملي سڦلتا،
"آشا" محنت ماڻھوءَ جو سينگار.

جدا جدا وزن

خيال

١) جيڪا رضا رب جي تنهن تي راضي رهه،
سالڪ سدا صبر ڪر ڪنهنکي ڪجهه نه چئه.

٢) ڇڏي خوشامد ڪر تو خلق جي خدمت،
خدا خلق ۾ تو وسي، ڪر خلق سان محبت.

٣) جنهنکي پوناجي نام جي سفر تنهن جو سهناجو،
جنهنکي ڌن دولت بنگلا، سفر تنهن جو اهناجو.

٤) اسان لئه خلق جي خدمت خدا جي بندگي آهي،
ملي جيڪي ورهايون ٿا، لڪائڻ گندگي آهي.

٥) ڪر نه تون ڪنهناجي گلا، ڏاڍي تکي تلوار آ،
جو ڪري تو، جو ٻڌي تو سو سزا حقدار آ.

٦) سندر سرهاڻ بنا پشپ نه وڻن ڪنهنکي،
سيرت نه جنهناجي سهڻي مان نه ملي تنهنکي.

٧) من ڪرم ۽ وچن سان سڀ کي سک پهچاءِ،
سمرڻ سيوا ۾ سدا جيون سڦل بڻاءِ.

٨) ڪڏهن ڪين ڪنهنکي، تون ناراض ڪر،
سدا ٻين جو دامن خوشين ساڻ ڀر.

٩) پريو سڀ ۾ وياپڪ آهه، ڏي سڀن کي پيار،
نفرت جيڪو تو ڪري سو آهي بيڪار.

غزل

ڪي ڪي اندر ٻاهر ڪارا،
حلين وانگر سي هٿن لامارا!

١) ڪي ٻاهر ڪارا اندر سهڻا،
ڪي ڪي اهڙا مجنونءَ پارا.

٢) ڪي ٻاهر سهڻا اندر ڪارا،
ٻاهر مشڪن اندر ڪات ڪهاڙا!

٣) اهڙن کان شل خدا بچائي،
جيڪي ڏيکارين ڏينهن جا تارا!

٤) وعظ ڪرڻ ۾ وقت وڃائن،
عمل نہ ڪن سي هرگز پيارا!

٥) ”آشا“ ڪنهن سان ريس نہ ڪر تون،
هر ڪنهن جا هِن وارا ڀارا!

١٠) سيوا سمرڻ کان سواءِ بيسود آهي زندگي،
مخلوق جي خدمت ڪريو ۽ الله جي بندگي.


١١) ڪيڏا يي تون ڪيس لڳائين نيٺ ته ٿيندا اڇا وار،
نقلي چهرو نقلي رهندو ڪيڏا يي تون ڪرين سينگار.

١٢) محبت جن جي من ۾ سي سدائين سرها،
ڪلفت جن جي اندر ۾ سي سدائين ارها.

آزاد نظم

درسني

درسني جڏ ته به ڪيس ساچ چوڻ جي عادت آ
حقيقت جو اظهار ڪندي
اتفاق درسني تڪرا ٽڪرا ٿي پوي
پر اُن جا تڪرا تڪرا به
ساچ سليندا
پر انسان
چيتن
ته به ساچ سلڻ کان هبڪي ٿو!



ڊاڪٽر ديال آشا جي قلم جيترو لکيو آهي، اوترو مان نه ٿو سمجهان ٻئي ڪنهن به سنڌي اديب ڀارت ۾ لکيو هوندو! ڪيترا نه انعام اڪرام ۽ يونيورسٽيءَ جون ڊگريون هن وٽ آهن، پر اُن هوندي به سنڌيءَ جا ڪي نام نهال عالم ۽ اديب پاڻ کي وڏو ۽ هن کي گهٽ سمجهندا آهن. ڊاڪٽر ديال آشا جي شاعري دل جي چيز آهي ۽ نه دماغ جي کوٽ کوٽان.

هن جا دوها ياد ڪرڻ جهڙا آهن ۽ محفل ۾ ورائي چوڻ جهڙا آهن. درسي ڪتابن جي سونهن وڌائي سگهن ٿا.

'هندو اسي' ۾ هڪ آدياتمڪ ڪوتا 'چنتن' پڙهيم ته اُن جي سلاست، رواني ۽ ويچار ڌارا دل ۾ پيهي ويون ۽ سوچڻ لڳس ته ههڙي سٺي ڪوتا ڪنهن لکي هوندي! ڪوتا جي هيٺان يا مٿان ڪو به نالو ڪونه لکيل هو پر آخرين مصرع ''آشا'' لفظ پڙهيم ته خاطري ٿي ويئي ته هي رچنا ديال آشا جي ٿي سگهي ٿي. خوب آنند آيو.

کاڌي پوش نمرتا جو مجسم ديال آشا، گايڪ ديال آشا، ڀڳت ديال آشا، پرنسيپال، عالم ۽ ريسرچ اِسڪالر ديال آشا جي مختصر پر اٽپوري ۽ اثوري واقفيت. هنن صفتن ۾ ٻي به هڪ ٻي صفت آهي 'شاعر' جي.

هوُ ڪيترن سالن کان شاعريءَ جي ميدان ۾ قلم جو گهوڙو ڊوڙائيندو پئي رهيو آهي. اُن ڊوڙ ۾ هوُ ڪافي اڳرو رهيو آهي. ساهتيه جي کيتر ۾ جيترا پرسڪار ديال آشا کي مليا آهن، مان نه ٿو ڀانيان ته اڳي ڪنهن به سنڌي اديب کي مليا آهن.